اياز حسين چنا (اياز جاني)

# سنت نيڻورام جي سَلوڪَن جو فڪري اڀياس


## *Abstract*

### Saint Nenoo-Ram (1898-1973)
### Interpretation of his poetic thought

*Saint Nenoo-Ram, born in Islamkot city of old Tharparkar district, in the year 1898. His parents died with one year and thus he has live as an orphan child, and suffered the pangs of life right from beginning*

*Suifistic and Vedanta ways of life worked side by side, Allah and Eishwar were regards as the creator of this Earth and the human beings.*

*In this sub-continent, there was pleadings of peace and brotherhood among all the persons irrespective of any religious divide, dismay and hatred.*

*Nenoo-Ram's mind was more bent towards spiritual solance right from his teens. Thus he proceeded on pilgrimage of his times, visited, the holy places, from Kashi, Mathra, Girnar, Gokal and Badrenath, for search of Peace and Love for humanity. Finally, he learnt that, the path of eternity can not be found without the guidance of some spiritual Master or 'Guru'.*

*At Last, he returned to Islamkot, after learning a lot, and got peace of mind and placed himself in a hut, where he preached, love, peace, brotherhood and rejected, wealth, worldly affairs and hatred.*

*Some of his poems have been compared with those of Shah Abdul Latif of Bhit.*

*The Poetry of Saint Nenoo Ram reveals the greatness of humanity and tells us that, religious divide or bigotry and abominable things. All human being should Love each other, live in peace and prosperity which is the goal, everyone has to achieve.*


انسانذات جي فلاح ۽ اصلاح لاءِ ويدانت ۽ وحدت الوجود جي فڪر سان لاڳاپيل سَنتن ۽ صوفين جو ڪردار بنيادي ۽ انقلابي طرز جو رهيو آهي. انهن جي سماجي ويڙهه ۽ جدجهد جو هڪ اهم ذريعو اها فڪر انگيز شاعري رهي آهي، جيڪا پنهنجي ماحول جي لحاظ کان ته مذهبي نوعيت جي آهي، پر پنهنجي مقصد ۾ روشن خيال سماجي تبديليءَ جو نشانبر اهڃاڻ رهي آهي.





تواريخي طور تي ڏسجي ته حضرت محي الدين ابن العربيءَ جي وحدت الوجود ي فلسفي وقت جي محدود ذهنيت مان پيدا ٿيندڙ مذهبي آپيشاهيءَ کي رد ڏنو ۽ 'رب العالمين' ۽ 'رحمت العالمين' جي لامحدود روشنيءَ کي عوام الناس تائين پهچائڻ لاءِ پنهنجي زندگي وقف ڪري ڇڏي. وحدت الوجود جي فڪري ڌارا وچ اوير جي معاشرن ۾ عوام جي ڀلائيءَ ۽ رواداريءَ تي ٻڌل سماج جوڙڻ جو شعور بيدار ڪيو.

نندي کنڊ جي تواريخ، وحدت الوجودي صوفين جي عوامي مقبوليت ۽ حڪومتي طبقن جي فرقيوارانٽي ذهنيت جي خلاف لاڳيتي جدوجهد ۽ ويڙهاند جي سرخ داستانن سان ڀري پئي آهي. هندستان جي سانوري سرزمين ۽ نيري آسمان ۾ دارا شڪوه ۽ سرمد جي شهادتن جي گونج اڃا تائين ٻُري رهي آهي.ساڳيءَ ريت ويدانتي امرت ڌارا مان ڀڳتي تحريڪ جو جنم ٿيو، جنهن نه رڳو هندو ڌرم جي برهمڻ ۽ شودر جي غير انساني طبقاتي ورهاست کي نه قبوليو، پر گڏوگڏ نندي کنڊ جي مختلف مذهبن جي وچ ۾ سهپ ، رواداري ۽ روشن خياليءَ جي تحريڪ 'وحدت الوجود' کي ٻه هٿي ڏني.نتيجي ۾ ويدانت ۽ وحدت الوجودي صوفين سنتن جزوي تضادن جي باوجود 'الله' ۽ 'ايشور' جي پيروڪارن جي وچ ۾ ذهني هڪجهڙائيءَ کي قائم رکڻ ۾ وڏو ڪردار ادا ڪيو. انهيءَ هم آهنگيءَ جو گهڻو عمل دخل مغل شهنشاهه اڪبر جي وقت ۾ ملي ٿو، جنهن وقت جي ضرورت پٽاندڙ پنهنجي نظريي کي 'دين الاهي' جو نالو ڏنو، جيڪو سندس حياتيءَ تائين برقرار رهي سگهيو.

سنڌ جي سرزمين جي ماڻهن جو آڳاٽو مذهب جيئن ته ٻڌ مت' رهيو آهي، تنهن ڪري اهي پنهنجي مزاج ۾ امن پسند، ماٺيڻا ۽ محبتي رهيا آهن.توسيع پسندي، تلوارگيري ۽ حملہ آوري سنڌين جي نفسيات کان ٻاهر جون شيون رهيون آهن. جيتوڻيڪ سنڌين جي اهڙين خصوصيتن جي ڪري سنڌ کي هميشه هاڃو ئي رسيو آهي ، پر پوءِ به سنڌ جا لوڪ ڌاهپ جا پندار ماڻهو اڄ تائين به پنهنجي قديمي سڄاڻپ تان هٿ کڻڻ لاءِ تيار نه آهن.

قاضي قادن کان ميين شاهه عنات تائين سنڌيت جي انهيءَ وجود کي ڳوليو ويو، پر اها ڳولا تڏهن پنهنجي سڀاويڪ نتيجي تي پهتي، جڏهن شاهه لطيف وحدت الوجودي فڪر کي منظوم دستاويزي صورت ۾ قلمبند ڪيو، جنهن کي 'شاهه جو



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

رسالو' چيو وڃي ٿو، جيڪو آخري الهامي ڪتاب قرآن شريف، جلال الدين روميءَ جي مثنوي، شاهه ڪريم جي ڪلام جي روح سان گڏ ننڍي ڪنڊ جي عظيم ڪوي ڀڳت ڪبير جي امر ڪلام جي سدا بهار خوشبوءِ ۾ رچيل آهي، جنهن ۾ تاريخي طور تي گهٽ ۾ گهٽ سنڌ جي گذريل هڪ هزار سالن جي لوڪ ڏاهپ جا قصا، ماڳن مڪانن جا احوال، رومانوي ۽ تاريخي داستانن جا ڪردار سموهيل آهن.

شاهه لطيف جي ڪلام جي طرز جو متاخر شاعرن تمام گهڻو اثر قبوليو. جيتوڻيڪ حضرت سچل سرمست جي ڪلام ۾ هيئت جي لحاظ کان گهڻيون تبديليون ملن ٿيون ۽ مختلف ٻولين جو سواد به ملي ٿو، پر مقصد جي لحاظ کان سچل جو ڪلام شاهه لطيف جي سڏ جو ئي پڙاڏو آهي. ساميءَ جي سموري شاعري بيت جي سٽاءَ تي ٻڌل آهي، جنهن ۾ گهڻو تڻو انسانذات کي 'پاڻ سڃاڻڻ' ۽ 'مايا' جي دوکي کان بچڻ جي سمجهاڻي ڏني وئي آهي، پر سندس ڪلام ۾ سنڌ جي جيئري جاڳندي زندگيءَ جو ڪو به عڪس، ڪو به ڪردار، ڪو به ڏک سک نظر نٿو اچي، ان هوندي به شاهه، سچل ۽ ساميءَ جي ٽمورتي اُن فڪر جي بنياد تي قائم آهي، جنهن ۾ انسانذات جي ڀلائي مقدم آهي. ان ڪري ئي سنڌ جي قومي دانشور محمد ابراهيم جويي لکيو آهي ته، "سنڌي سماج جي تاريخ ۾ شاهه، سچل ۽ سامي ائين آهن، جيئن زمين جي اندر، ان جي تهه، ٻنهه پيٽ ۾ املهه ۽ جرڪندڙ هيرا."(1)

شاهه لطيف جي متقدمين ۽ متاخرين جي مطالعي جي بنياد تي هڪ اهم نُڪتو اجاگر ٿئي ٿو ته شاهه، سچل ۽ ساميءَ جي جرڪندڙ ٽمورتي سنڌ جي فڪري ڪائنات ۾ اڻچاٽل زمانن تائين روشني ڦهلائيندي رهندي، ۽ وحدت الوجود ۽ ويدانت جي فڪري سرچشمن مان آئيندي جي آئيندي جا شاعر به پنهنجي اڄ اجهائيندا رهندا ۽ روشنيءَ جو اهو سلسلو ڪڏهن به ختم ٿي نه سگهندو. سنت نيٽورام انهن بيچين شاعرن مان هڪ اهم شاعر آهي،جنهن پنهنجي شاعراڻي اظهار ۾ انهيءَ ٽمورتيءَ مان اتساهه ورتو آهي.جڏهن ننڍوڪنڊ انگريزن جي غلاميءَ جي زنجيرن ٽوڙڻ لاءِ آتو هو، تڏهن شاطر برطانوي راڄ پنهنجي مڪروهه اقتداري هوس جي تسڪين لاءِ ننڍي ڪنڊ جي عوام جي دلين ۾ مذهب جي بنياد تي اهڙي باهه پڙڪائي ڇڏي، جيڪا ورهاڱي جي باوجود اجهامي نه سگهي. ڏسجي ته ننڍي ڪنڊ ۽ خاص ڪري سنڌ جي صوفي درويشن ۽ شاعرن کي ان ڳالهه جو شديد احساس رهيو آهي ته، مذهبي متڀيد ۽





فرقيوراڻي روش سان انسانذات کي فقط هاڃو ئي پهچي سگهي ٿو، تنهن ڪري انهن سڄي حياتي مذهبي رواداري، انسان دوستي ۽ روشن خياليءَ جي پرچار ۾ ارپي ڇڏي. مون جڏهن سنڌ جي هڪ سنت شاعر نيٽورام، جيڪو اڃا تائين ڏرمي پوتين ۾ ويڙهيل آهي، جي ڪلام 'نيٽورام جا نسخا' پڙهڻ جو موقعو مليو ته سندس هينيون بيت منهنجي دل ۾ پيهي ويو. مون محسوس ڪيو ته، سنت نيٽورام سنڌ جي سماج جي هڪ ذميوار فرد جي حيثيت ۾ پنهنجي حد ۽ اثر تائين ان باهه کي پڙڪڻ نه ڏنو ۽ تصوف جي سرزمين سنڌ جو هي دردمند شاعر مذهبي رواداريءَ جي عظيم مقصد تي اڏول ٿي بيٺو رهيو:

سا مٽي مُلهائتي، جت آهي هري نام،
مندر ۾ گهنڊ ۽ مسجد ۾ آذان،
قرآن، انجيل، گيتا، توڙي گرنٿ گيان،
نيٽو سڀ نشان، ڏسن واٽ هڪڙي.(2)

سنت نيٽورام پنهنجي فڪر ۽ ٻوليءَ جي لحاظ کان سامي صفت شاعر آهي، پر هو پنهنجي ثقافتي ۽ تهذيبي شعور ۾ شاهه لطيف جي نقش قدم تي هليو آهي. سنت نيٽورام، هڪ بيت ۾ شاهه لطيف جي انهيءَ سياويڪ اثر کي تسليم ڪندي لکيو آهي:

سورداس، ميران، مون ڏٺو ڪبيرو،
پٽ تي پٽائي، ڏٺو جن ذرو ذرو،
نيٽوءَ تي ٿورو، آهي انهن گفتن جو.(3)

سنت نيٽورام 1898ع ڌاري ضلعي ٿرپارڪر جي شهر اسلام ڪوٽ ۾ جنم ورتو ۽ 75 سالن جي ڄمار ماڻي 1973ع ۾ لاڏاڻو ڪيو. سندس والد مينگهورام لوهاڻو سندس ڄمڻ کان اڳ ۽ سندس والده مينگها ٻائي سندس ولادت کان ڇهه مهينا پوءِ لاڏاڻو ڪري وئي يعني سنت نيٽورام جي ڏکين آزمائشن جو اهو سلسلو سندس آمد کان اڳي ئي شروع ٿي چڪو هو، جيڪو رب العالمين پنهنجن خاص ٻانهن سان روا رکندو آهي، ته جيئن منجهن صبر جي بيپناهه طاقت پيدا ٿئي ۽ ايندڙ وقت جي تڪليفن کي برداشت ڪرڻ جو حوصلو قائم رهي.

والده جي وفات کان پوءِ سنت نيٽورام جي سار سنڀال ۽ سندس تعليم ۽ تربيت جي ذميواري سندس چاچي لکورام نڀائي.لکورام راجستان جي علائقي



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

'سارلا گام' ۾ رهندو هو، جتي ڪيس گذر سفر لاءِ ڪرياني جو دڪان هوندو هو.

1908ع ڌاري سنت نيٽورام اجا پرائمري ٽئين درجي ۾ هو، جو ڪيس دڪان جي چنڊ ڦوڪ جي ذميواري ڏني وئي، ۽ ايئن نيٽورام تعليم کان پري ۽ دنيا جي وهنوار جي ويجهو ٿي ويو. والدين جي شفقت ۽ پيار کان محروم معصوم نيٽورام جيئڻ لاءِ دنيا جي وهنوار ۾ مصروف ٿيڻ جي گهڻي ڪوشش ڪئي، پر سندس روح بيچين ئي رهيو. سندس ڌيان جي دنيا ڪا ٻي هئي، جنهن جي الستي آوازن ڪيس پنهنجي سحر ۾ جڪڙي ڇڏيو هو.

نيٽورام نئين جوانيءَ جي در تي هو ، پر هن جو روح ڪنهن روحاني ياترا جي تياريءَ ۾ هو. ساڌن سنتن جي ڪُڙڪ پوندي هئس، ته سندس من بيتاب ٿي ويندو هو، پر دڪان جي مجبوري ڪيس هميشه روڪي ڇڏيندي هئي.

'سارلا گام' کان ٿورو پريرو 'ڪيڪڙ گام' جو ڳوٺ هو، جتي گرو ڪَنيرام جو آشرم هو. گروءَ جي روحاني منزلت، تپسيا ۽ نيڪناميءَ جي سڄي تر ۾ وڏي ناماچاري هئي، ۽ وڏي خلق ڏانهس اکيون ٻير ڪري ايندي هئي ۽ پنهنجي من جون مرادون ماڻيندي هئي.

گروءَ جا ساڌ سنت تيرٿ ياترا جي سانگي ڳوٺ سارلا گام مان اڪثر لانگهائو ٿيندا هئا. هڪ ڀيري جڏهن گرديو سنت ڪنيرام پاڻ پنهنجي ساڌن جي سٿ سان سارلا گام ۾ اچي ترسيو ته سڄو ڳوٺ اچي مٿن ڳاهٽ ٿيو. سنت نيٽورام کي جڏهن گروءَ جي آمد جي پڪي خبر پئي ته سندس دل رهي نه سگهي ۽ هنن جي درشن لاءِ سندس من اتاولو ٿي پيو. ايتريقدر جو هو چاچي جي اچڻ تائين به ترسي نه سگهيو، دڪان بند ڪري، چاٻيون پروسي واري ماڻهوءَ جي حوالي ڪري، ڊڪندو ڊوڙندو اچي گروءَ جي چرنن ۾ راحت ماڻي. سنت نيٽورام پنهنجي انهيءَ بيتابيءَ کي هن ريت اظهار ڪيو آهي:

هٽ ڇڏي وٽ، وڃي سارلا وسايو،
ڪيڪڙيو گام مان، گرو ڪنيرام آيو،
نيٽو گڻ ڳايو، سچي سنت ستگروءَ جا.(4)

سنت نيٽورام انهيءَ تيرٿ ياترا ۾ ڪاشي، مترا، بندرابن، گوڪل، جگننات، گرنار، هردئار، دوارڪاري ۽ بدري نات جهڙن اٽانگن آستانن جو سفر





مڪمل ڪيو. خاص ڪري بدري نات جو سفر ته لاهوت ۽ هنگلاج جهڙو ڏکيو جابلو سفر هو، جتي هاڻي ته پهچڻ لاءِ روڊ جو سفر ميسر آهي، پر تڏهن اهو سفر پيادل ئي طئي ڪبو هو، جنهن تائين رسڻ لاءِ اتاهين جابلو چوٽين سان ننڍا سوڙها پيچرا هوندا هئا، جن تان گذرڻ مهل هميشه پير ترڪڻ جو انديشو هوندو هو، پر جيڪي پنهنجي عقيدي ۽ نظريي ۾ ڪامل يقين رکندا آهن ، انهن لاءِ هر منزل آسان هوندي آهي، پر ان لاءِ سنت نيٽورام، ڪامل رهبر جي هجڻ کي به يقيني سمجهي ٿو:

سفر مون ڪيو، جي نانوَ تنهنجي،
چڙ ته ستگر، اچي پاڻ ڪهيو،
نيٽو ساڻ هيو، ساري وات وجود ۾.(5)

سنت نيٽرام ساڌن سنتن سان گڏيل تيرٿ ياترا تان موٽندي ڪيڪڙ گام ۾ گرديو ڪنيرام جي باغيچي جهڙي 'آشرم شيوا پاو' ۾ ترسيو ، جتي ڪيس گروءَ جي صحبت نصيب ٿي ۽ ڪيس باطني قرار مليو ۽ ڪيس پنهنجو ستگرو ڪري مڃيائين.

ڪجھ عرصي جي روحاني تپسيا کان پوءِ سندس من ٻالڪ جي من وانگر اجرو ٿي پيو، جنهن ۾ حق جي طلب کان سواءِ ٻي ڪا به خواهش نه هئي، نه ڪام، نه ڪروڌ، نه موهه، نه لوڀ ۽ نه اهنڪار، بس هو چارئي پهر ايشور جي ياد ۾ محوِ هوندو هو. سنت فرمائي ٿو:

ڪام، ڪروڌ، موهه، لوڀ ۽ اَهنڪار،
ميٽي جِن من مون، ڪديا سڀ وَڪار،
نيٽو سي نام آڌار، پهتا هن ڌام کي.(6)

سنت نيٽورام پندرهن سال ڪن 'آشرم شيوا پاو' ۾ گرديو ڪنيرام جي شيوا ۾ گذاريا. ان وچ ۾ سنت، ستگر سان گڏ پنهنجي اصلوڪي ڳوٺ اسلام ڪوٽ ۾ پڻ هڪ اڌ ڀيرو آيو به هو ، پر پوءِ ستگر سان گڏ ئي موٽي ويو هو. لڳ ڀڳ چاليهه سالن جي عمر ۾ سنت نيٽورام، ستگر ڪنيرام جي اجازت سان پنهنجي اباڻي ڳوٺ اسلام ڪوٽ ۾ دائمي سڪونت اختيار ڪئي.

سنت نيٽورام جي زندگيءَ جي احوال مان پروڙ پئي ٿي ته ساڌن، سنتن سان گڏ تيرٿ ياترا ڪرڻ وقت سندس عمر لڳ ڀڳ 24 سال هئي، ان حوالي سان ڏسجي ته سنڌ جي ٻن عارفن ۽ صوفي شاعرن شاهه لطيف ۽ نيٽو رام کي پنهنجي ڦوهه جوانيءَ



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

واري مرحلي ۾ ساڌن، سامين ۽ جوڳين جي صحبت نصيب ٿي ۽ پاڻ کي دنيوي وهنوار کان الڳ ڪري، ساڌن سان گڏ تيرٿ ياترا تي روانا ٿي ويا.

اسلام ڪوٽ ۾ اچڻ کان پوءِ سنت نيٽورام پنهنجي گهر ۾ ڪجهه عرصو گوشا نشيني اختيار ڪئي. "ڪنهن سان ڳالهائيندا به ڪو نه هئا. ڪمري ۾ ڪڙو اندران ڏيئي ڇڏيندا هئا ۽ گهڻو ڪري مون ورت ۾ رهندا هئا، اُپواس ورت ڪندا هئا... ڪجهه عرصي بعد وري ڀڄن ڳائيندا هئا، ستسنگ ڪندا هئا... ڀڄن ڳائڻ وقت ايشور جي ڀڳتيءَ ۾ الوڪ مستيءَ ۾ اچي ويندا هئا. ڪين مها پريويا ميران ٻائي وانگر هڪ الوڪ مستي هئي."(7)

1944ع ڌاري سنت نيٽورام اسلام ڪوٽ جي اولهه ۾ هڪ قُتل 'پورڻ پارتي آشرم' کي آباد ڪيو، جيڪو اڳ ۾ ڪنهن پواني گر مهراج جو هو، جيڪو انهيءَ سال هنگلاج ياترا تي ويو هو، پرپوءِ واپس نه اچي سگهيو.

'پورڻ پارتي آشرم' بابت محترم وليرام ولڀ ساروٽيون سارينديءَ لکي ٿو: "1964 دوران جڏهن ٻيلي ڪاتي ۾ نوڪري ڪندو هوس ته اسلام ڪوٽ جي واحد تفريح گاهه سنت نيٽورام جي آشرم ۾ ستسنگ ٻڌڻ لاءِ ڪڏهن اڪيلو ته ڪڏهن وري ٻين دوستن سان گڏجي هليو ويندو هوس. سچ پڇو ته اهو آشرم ويرانيءَ ۾ بهار يا ريگستان ۾ نخلستان جو ڏيک ڏيندو هو (۽ اهو اڄ به ڏسڻ وٽان آهي )آشرم جو اڱڻ صاف سٿرو، وچ ۾پاٽي جي گڏ ٿيل ذخيري جو تلاءُ ، آس پاس ۾ پکين جي پيئڻ لاءِ ڪونڊين ۾ پاڻي، اَنُ چڳڻ لاءِ جدا ٿلهو، ڳائي مال ۽ ٻين جانورن جي پاڻي پيئڻ لاءِ هوديون ۽ مٿان وري پکين جي دلفريب چون چون ۽ مورن جو ڊيلن اڳيان ناچ، ڪنهن پراڻي زماني جي رشيءَ جي آشرم جهڙو لڳو هو."(8)

وليرام ولڀ کي سنت نيٽورام جو ذاتي طور تي درشن نصيب ٿيو هو،تنهن ڪري سندس ڪجهه ڳالهين کي هن مقالي ۾ مستند حوالي طور ڪتب آڻجي ٿو.خاص ڪري سنت جي شبيهه بابت هو لکي ٿو: "سنت نيٽو رام جو قد لانيرو، ڇهري تي شعلي وانگر ٻرندڙ وڏيون اکيون، ڇهري تي وکريل ڊگهي اڇي ڏاڙهي، مٿي جو اڳيون حصو وارن کان وانجهيل ۽ پوئين حصي جون جَٽائون ڪلهن تي پکڙيل هونديون هيون. جسم جو ڇاتيءَ وارو حصو اڻ ڍڪيل، پر هيٺيون حصو ڌوتيءَ سان ويڙهيل هوندو هو. سندس هڪ هٿ ۾ پنهنجي قد جيڏي ڊگهي لٺ ۽ ٻئي هٿ ۾ لالٽين جهليل هوندو





هو، جيڪو ڪيس رات جي اونداهيءَ ۾ هلڻ ۾ مدد ڪندو هو."(9)

وليرام ولڀ پنهنجي مضمون' هو اڄ به دلين سان گڏ ڌڙڪي ٿو' ۾ سنت نيٽورام جي مطالعي بابت لکي ٿو: "سنت نيٽورام آشرم ۾ پنهنجي ڪوٺيءَ ۾ پاٽمرادو پيو پستڪ واچيندو هو...هو ڪڏهن ڪبير ڀڳت، دادو ديال، شاهه ڀٽائي، بلهي شاهه جا بيت، ڀڄن، شبد، واڻيون ۽ ڪافيون وڏي آواز سان سر ۾ بي سُڌ ٿي ڳائيندو هو ۽ جهومندو هو، پر ميران ٻائيءَ جا گيت ڳائيندي ايئن نچندو هو، جيئن هوءَ پنهنجي گرڌر گوپال اڳيان ڳائيندي نچندي ويندي هئي."(10)

سنت نيٽورام جي ڪلام ۾ ننڍي کنڊ جي مها سنت صوفي شاعرن:بابا گرو نانڪ، ڀڳت ڪبير،سورداس، ميران ٻائي، تلسيداس، شاهه لطيف، سچل سرمست، بلهي شاهه، بابا غلام فريد، گرهوڙي، سامي، روحل فقير، حمل فقير ۽ ٻين جو ذڪر ملي ٿو، پر انهيءَ بنياد تي مکهن لال شرما جي ان ڳالهه ۾ دليل کان گهٽي عقيدتمندي آهي، جيڪا هن پنهنجي مضمون'ٿر جو آدرشي سنت نيٽو رام' ۾ هن ريت لکي آهي: "پاڻ مڇندر ناٿ، گرو گورکناٿ، رامانند،ملوڪ داس، روي داس،سورداس ڪبير ، ميران ٻائي، تلسي داس، ڪاليداس، گرو نانڪ، لطيف، سامي، وارث شاهه، بلهي شاهه، شيخ غلام فريد، سلطان باهو، ڀڳت ڪنور رام ۽ ٻين ڪيترن ئي ويدانتي مهاتمائن جي ذهنن جي چِڪايل عطر جي نچوڙ جي سڳنڌ ۽ سرهاڻ سان واسيل آهي ۽ انهن جو ئي تسلسل آهي."(11)

مون جيئن اڳ ۾ به ذڪر ڪيو ته سنت نيٽورام سامي صفت شاعر آهي، پر جيڪڏهن سنت جي موضاعاتي وسعت کي ڏسبو ته ان منجهان شاهه لطيف کان سواءِ ڪنهن ٻئي مها سنت يا صوفي شاعر جو اولڙو نٿو ملي.

سنت نيٽورام جو جنم شاهه لطيف جي وصال کان لڳ ڀڳ ڏيڍ سو سال پوءِ ٿيو، پر شاهه لطيف مذهبي رواداري ۽ سماجي تبديليءَ جي شعور جي لاٽ، جيڪا 'شاهه جو رسالو' جي صورت ۾ روشن ڪئي هئي،اها سنت نيٽورام جي ذهن ۽ ضمير، قلب ۽ روح لاءِ اجالو ثابت ٿي، جنهن جو ثبوت اهي سلوڪ آهن، جيڪي گذريل ڇاليهه سالن کان سنت جي عقيدتمندن جي دلين ۾ محفوظ هئا.

هيٺ ڪجهه مثالن سان شاهه لطيف جي ڪلام جي ان اثر جي وضاحت ڪجي ٿي، جيڪو سنت نيٽورام جي ڪلام ۾ نروار ٿي بيٺو آهي.شاهه لطيف سر ڪلياڻ جي



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

پهرين بيت جي پهرين مصرع ۾ رب ذوالجلال جي هيڪڙائي ۽ عظمت بيان ڪندي فرمائي ٿو:

"اول الله عليم، اعليٰ عالم جو ڌڻي."(12)

سنت نيٽورام جي پهرين سلوڪ جي پهرين مصرع هن ريت آهي:

"پهرين پريو پاڻ، ساري منجهه سنسار." (13)

شاهه لطيف وحدت الوجود جي فڪر کي نهايت عام فهم انداز ۾ هن ريت اظهاريو آهي:

ايڪ قصر در لک، ڪوڙيين ڪٽس ڳڙکيون،
جيڏانهن ڪريان پرک، تيڏانهن صاحب سامهون.(14)

سنت نيٽورام انهيءَ ساڳي وجودي خيال کي اظهاريندي چوي ٿو:

محل اٿيئي هڪڙو، دريون دَر سَو،
انڌا هن سنسار ۾ ،ڇَون هلِي گهاٽ ڏسو،
نيٽو پاڻي کي پرکو، وهي ساڳي نار جو.(15)

يا هڪ ٻئي بيت ۾ سنت فرمائي ٿو:

عقل سين ويچار، تہ صاحب سڀ جو هيڪڙو،
نظر ڪر چوڌار، نيٽو صاحب سڀ جي سامهون.(16)

ويدانت ۽ وحدت الوجود جي اشتراڪ سان 'وحدت مان ڪثرت' جي اهم نڪتي جي اپٽار ڪندي شاهه لطيف فرمائي ٿو :

ڪوڙيين ڪاياڻون تنهنجيون، لکن لک هزار،
جيءُ سڀ ڪنهن جيءَ سين، درسن ڏاروڏار،
پرِيَمَ ! تنهنجا پار، ڪهڙا چئي ڪيئن چُوئان.(17)

سنت نيٽو رام جي ڪلام ۾ هيٺيون بيت شاهه لطيف جي اثر کي نمايان ڪري بيهاري ٿو:

هزار روپ هڪ، آهي پُورڻ پر ماتما،
پنهنجو پاڻ ورهائي، ٿيو انيڪ آتما،
نيٽو پوءِ بہ اَجنما، آهي شڪتي ان جي.(18)

شاهه لطيف سر رامڪليءَ ۾ 'گل' کي 'رب العالمين' جي لاءِ مستعار





ڪري 'ڪثرت مان وحدت' جي فڪر کي نهايت ئي دلچسپ پيرايي ۾ بيان ڪيو آهي :

گل گل پسي گوڏڙيا! گهڻا مَ پانئيج،
سوئي سڃاڻيج، هِي هُو آهي هيڪڙو.(19)

سنت نيٽورام تصوف جي انهيءَ ساڳي وجودي خيال کي پنهنجي ڌرمي ماحول جي مطابقت ۾هن ريت پيش ڪيو آهي:

ڪاشيءَ تي گهاٽ، ايترا آهن گهڻا،
ماڻهو ٿو منجهيو پوي، ڏسي پاڻيءَ ٺاٺ،
نيٽو تن اٽاٽ، آهي اندر رام جي.(20)

شاهه لطيف سر سريراڳ ۾ ڪائنات جي مالڪ جي وحدانيت ، طاقت ۽ بيپناهه ٻاجهه جو ذڪر ڪندي ، نهايت نيازمنديءَ مان درخواست گذار آهي:

جيڪي منجهه جهانَ ، سو تاريءَ تڳي تنهنجي،
لُطف جي، لطيف چئي، تو وٽ ڪمي ڪانَ،
عدل ڇٽان آن نہَ، ڪو ڦيرو ڪِج فَضُل جو.(21)

سنت نيٽورام شاهه لطيف جي تتبع تي جو ڪجهه فرمايو آهي، اهو سندس ڪشادي قلب جو مظهر آهي:

ٻڌي هر آذان، نيٽُو جهڪي سجدي،
آهيون ٻالڪ تنهنجا،جيڪي منجهه جهان،
شل رکين منجهه امانَ، اي سالڪ سڀ جا.(22)

سنت نيٽورام جي ڪلام تي جيتوڻيڪ سنسڪرت ۽ هندي ٻوليءَ جو واضح اثر آهي، پر اها حقيقت ائين آهي جيئن شاهه لطيف جي ڪلام تي عربي ٻوليءَ جو گهرو اثر آهي ۽ مذهبي لحاظ کان اهو اٽتر بہ آهي، تنهن ڪري ان بنياد تي اهو چوڻ مناسب نہ آهي تہ سندن ڪلام ڌرمي يا مذهبي نوعيت جو آهي.حقيقت ۾ ڏسجي تہ ٻنهي عارفن پنهنجي پنهنجي وقت ۾ مذهب جي سختگيري ۽ رائج طور طريقي کي نہ اختيار ڪيو ۽ نہ انهن کي پنهنجي قبوليت ڏني. شاهه لطيف جا اهڙا بيت تہ عالم آشڪار آهن، هتي فقط سنت نيٽورام جي بيتن مان ٻہ مثال ڏجن ٿا،جن ۾ هنن ڌرمي ادارن جي پٽ وائکي ڪئي آهي تہ جيئن عام ماڻهن جي پاکنڊي پنڊتن مان جان آجي ٿي

سگهي:

سپ ۾ آهي ڏيڪاءُ، ديا ڌرم دانَ،
ڳالهيون ڪن وڏيون، چون هئہ رام،
وهنوار ۾ واپاري، ڪن اوٽي پوٽي دام،
نيٽو سود خور خان، آهي من ملين ٿيو.(23)

***

دانگيءَ جو ترو، اهڙا چت ماٺهن جا،
جهليو منڍ مزارن جي، مندر جو سرو،
سائين هت رکو، هت هي پيرو جو پڙو،
نيٽو ڪنهن کي چئي برو،پوت سيئي من جا.(24)

سنت نيٽورام هڪ سجاڳ ذهن شاعر جي حيثيت ۾ سماج جي هر اوٽيءَ پوٽيءَ تي ڪرڙي اک رکي ٿو، خاص ڪر ي ساهميءَ تان اک پري نہ ٿو ڪري، ڇاڪاڻ تہ پنهنجي شروعاتي عملي زندگيءَ ۾ هن جو ساهميءَ سان رشتو جڙي ويو هو، ۽ هن جي تجربي ۾ اها ڳالهہ آيل هئي تہ اڪثر واپاري تور ۾ بي ايماني ڪن ٿا.سنت نيٽورام اهڙن واپارين کي تنبيهہ ڪندي چوي ٿو:

واپار آ واپار، هر ڪو ڪري واپاري،
جن وکر وڌو ويچار ۾، کپي تن جي ڪاري،
توري ڏج پورو، متان ڪرين ڪاري،
نيٽو ساهمي اٿيئي ياري، شاهد ٿيندي ڌرم راءِ وٹ.(25)

***

اندر ۾ پاپي، ڇا پرکن سون کي،
سدائين تور ۾ جن لپ کڻ ڪاڍي،
ڪٿي پڙ ڀاري وجهن، ڪٿي الٽ ۾ تارازي،
اهو سردارو جاتِي،جنهن ڄاتو نيٽو ڀڳت کي.(26)

سنت نيٽورام پنهنجي ڪلام ۾ انسانذات جي اتم درجو بيان ڪيو آهي. هو سماجي ۽ ڌرمي طبقاتي ورڇ جي سخت لفظن ۾ مذمت ڪندي چوي ٿو:

چون آهيون اجرا، باقي ٻيل ڪَولهي ٻنگي،





ڏائڻ ويٺي اندر ۾ ، ايڏي آ ڏنگي،
اکين هوندي بہ نہ سمجهن، انسان ذات رنگي،
نيٽو ڏِس دانگي، ڪاري سڄي تِر ڪان.(27)

سنت نيٽورام جي نسخن مان هي ٿورڙا نُڪتا آهن، جيڪي هن مقالي جو حصو بڻيا آهن، اهي فڪري اعتبار کان زندگيءَ جي اهم قدرن جو احاطو ڪن ٿا، جيڪي سماجي آدرشي معاشري لاءِ بيحد ضروري آهن، پر انهن قدرن کي پرماري قوتن پنهنجي ڇڙواڳ طاقت جي اٿاريل ڌوڙ ۾ ڌنڌلائي ڇڏيو آهي.زندگيءَ جي مثبت ۽ روشن خيال قدرن جي وقتي اٿهوند جي ڪري جتي سماجي تبديليءَ جون ترقي پسند تحريڪون ويهجي ويون آهن اتي پڙهيل لکيل با شعور عوام بہ سماج جي گڏيل عمل ۽ صلاح مصلحت واري سڳي ڌاڳي مان ڇڄي وائڙپ جي اونداهہ ۾ ڀٽڪي رهيو آهي. سنت نيٽورام جي فڪري لحاظ کان گهڻ رخي شاعري پنهنجي فڪر توڙي تخيّل جي لحاظ کان سماج جي اُن ڀٽڪيل عوام لاءِ روشني آهي، جنهن جي ضمير ۾ اڃا ڪجهہ تڙپ موجود آهي ۽ جنهن جي وجود ۾ قومي شعور جي گونج اڃا جهڪي نہ ٿي آهي:

پارا سر ڏنو، پاري نگر جي پَٽَ ۾،
ڪارو سون اجرو، پاتالن پيو،
ڳوڙهن هيو ڳالهين ۾، سوا سير ڪٽيو،
نيٽو سمجهي ڇيو، پَٽُ نہ ڇڏجو پنهنجو.(28)

سنت نيٽورام جي املهہ ڪلام کي هيمن ڪمار موٽواٽيءَ پهريون ڀيرو لکت جي صورت ۾ آندو ۽ انهن کي سُوڌي سنواري، عام فهم معنيٰ لکي، 2012ع ۾ ‘ نيٽورام جا نسخا’ جي عنوان سان ٽن ڪتابچن جي صورت ۾ سنت نيٽو رام آشرم ٽرسٽ اسلام ڪوٽ پاران ڇپائي پڌرو ڪيو.ٽن ڪتابچن ۾ سنت نيٽورام جا 680 بيت سنڌ جي ادبي تاريخ جو حصو ٿي چڪا آهن، جن بابت هن مقالي کان اڳ ۾ ڪا بہ لکت موجود نہ آهي. ان حوالي سان عبدالقادر منگيءَ جي سهيڙيل ڪتاب‘ ٿر’ کي پڻ سرسري ڏٺم، پر ڪٿي بہ سنت نيٽورام جي حوالي سان ڪو بہ عنوان نظر نہ آيو. سنت نيٽورام جي ڪلام جي مرتب ۽ شارح هيمن ڪمار موٽواٽيءَ موجب سنت جو پنجون پستڪ ڇپائيءَ جي مرحلي ۾ آهي.سندن چوڻ آهي تہ سنت نيٽورام جو ڪلام لڳ ڀڳ ڇئن هزار سلوڪن تي ٻڌل آهي، جنهن مان هن هڪ هزار بيتن کي سُوڌي سنواري



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

ڇپائيءَ لاءِ تيار ڪيو آهي. جيڪڏهن سنڌ جو ثقافت کاتو سنت نيٽورام جي سُوڏيل سنواريل هڪ هزار بيتن ڪي معنيٰ ۽ هڪ شاندار مقدمي سان گڏ سهڻي ڪتاب جي صورت ۾ ڇپائي پڌرو ڪري ته سنڌي ادب جي تاريخ ۾ نهايت ئي تحسين جوڳو ڪم ليکيو ويندو.

## حوالا

1. جويو، محمد ابراهيم جويو، 'شاهه سچل سامي'، روشني پبليڪيشن ڪنڊيارو، ڇاپو پنجون، سال1990ع، ص:9.
2. موٽواڻي، هيمن ڪمار، مرتب: 'نيٽورام جا نسخا' (پستڪ پهريون)سنت نيٽورام آشرم ٽرسٽ اسلام ڪوٽ ، ڇاپو پهريون، سال15- اپريل 2012ع، ص:52.
3. موٽواڻي، هيمن ڪمار، مرتب: 'نيٽورام جا نسخا' (پستڪ پهريون)سنت نيٽورام آشرم ٽرسٽ اسلام ڪوٽ ، ڇاپو پهريون، سال15- اپريل 2012ع، ص:15.
4. موٽواڻي، هيمن ڪمار، مرتب: 'نيٽورام جا نسخا' (پستڪ پهريون)سنت نيٽورام آشرم ٽرسٽ اسلام ڪوٽ ، ڇاپو پهريون، سال15- اپريل 2012ع، ص:16.
5. موٽواڻي، هيمن ڪمار، مرتب: 'نيٽورام جا نسخا' (پستڪ پهريون)سنت نيٽورام آشرم ٽرسٽ اسلام ڪوٽ ، ڇاپو پهريون، سال15- اپريل 2012ع، ص: 7.
6. موٽواڻي، هيمن ڪمار، مرتب: 'نيٽورام جا نسخا' (پستڪ پهريون)سنت نيٽورام آشرم ٽرسٽ اسلام ڪوٽ ، ڇاپو پهريون، سال15- اپريل 2012ع، ص: 60.
7. شرما، ڪيمپال، 'سنت شري نيٽورام: جيون چريتر'، سنت سڌار شيوا سنگت اسلام ڪوٽ، ڇاپو پهريون، سال 2008ع، ص: 52.
8. ساڳيو، ص: 22.
9. ساڳيو، ص: 22.
10. ساڳيو، ص: 21.
11. ساڳيو، ص: 42.
12. شاهواڻي، غلام محمد، مرتب: 'شاهه جو رسالو'، سنڌيڪا اڪيڊمي ڪراچي، ڇاپو ٻيو، سال2005ع، ص:65.
13. موٽواڻي، هيمن ڪمار، مرتب: 'نيٽورام جا نسخا' (پستڪ پهريون) سنت نيٽورام آشرم ٽرسٽ اسلام ڪوٽ ، ڇاپو پهريون، سال15- اپريل 2012ع، ص:5.
14. شاهواڻي، غلام محمد، مرتب: 'شاهه جو رسالو'، سنڌيڪا اڪيڊمي ڪراچي، ڇاپو ٻيو، سال2005ع، ص:70.
15. موٽواڻي، هيمن ڪمار، مرتب: 'نيٽورام جا نسخا' (پستڪ ٽيون ۽ چوٿون) سنت نيٽورام آشرم





ٽرسٽ اسلام ڪوٽ ، ڇاپو پهريون، سال15- سيپٽمبر 2012ع، ص:57.
16. موٽواڻي، هيمن ڪمار، مرتب: 'نيٽورام جا نسخا' (پستڪ ٻيو) سنت نيٽورام آشرم ٽرسٽ اسلام ڪوٽ ، ڇاپو پهريون، سال14- مئي 2012ع، ص: 23.
17. موٽواڻي، هيمن ڪمار، مرتب: 'نيٽورام جا نسخا' (پستڪ ٽيون ۽ چوٿون) سنت نيٽورام آشرم ٽرسٽ اسلام ڪوٽ ، ڇاپو پهريون، سال15- سيپٽمبر 2012ع، ص:57.
18. ساڳيو، ص:33.
19. ساڳيو، ص: 824.
20. موٽواڻي، هيمن ڪمار، مرتب: 'نيٽورام جا نسخا' (پستڪ ٻيو) سنت نيٽورام آشرم ٽرسٽ اسلام ڪوٽ ، ڇاپو پهريون، سال14- مئي 2012ع، ص: 47.
21. شاهواڻي، غلام محمد، مرتب: 'شاهه جو رسالو'، سنڌيڪا اڪيڊمي ڪراچي، ڇاپو ٻيو، سال2005ع، ص:159.
22. موٽواڻي، هيمن ڪمار، مرتب: 'نيٽورام جا نسخا' (پستڪ ٽيون ۽ چوٿون)سنت نيٽورام آشرم ٽرسٽ اسلام ڪوٽ ، ڇاپو پهريون، سال15- سيپٽمبر 2012ع، ص:57.
23. موٽواڻي، هيمن ڪمار، مرتب: 'نيٽورام جا نسخا' (پستڪ پهريون) سنت نيٽورام آشرم ٽرسٽ اسلام ڪوٽ ، ڇاپو پهريون، سال15- اپريل 2012ع، ص:21.
24. ساڳيو، ص:25.
25. ساڳيو، ص:51.
26. ساڳيو، ص:48.
27. ساڳيو، ص:9.
28. ساڳيو، ص:35.

Shah Abdul Latif Bhitai Chair